# ٽينڊر دستاويز

ايس ايل اي/اوپن ايئر اسٽيج جي تعمير ۽ تياري/ٽينڊر نمبر 2025/19-C

## هڪ وقتي
## ٻن لفافن وارو طريقيڪار

## اوپن ايئر اسٽيج جي تعمير ۽ تياري


سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

حيدرآباد-سنڌ


Rs.1000/=

حصو -I (Section-I)

## آڇ ڏيندڙ لاءِ هدايتون

1. آڇن جي لاڳت:

آڇون جمع ڪرائيندڙ فرم/ رجسٽرڊ ايجنٽ تعميري ڪم جي سڄي لاڳت ۽ مالي گهٽ وڌائيءَ جو پاڻ ذميدار هوندو ۽ سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو لاڳت جي ڪٽ ۽ ان سان لاڳاپيل ڪنهن به مالي مسئلي جو ذميدار نه هوندو.

2. آڇن جو دستاويز:

’ٽينڊر ڊاڪيومينٽ‘ يعني آڇن جي هن دستاويز ۾ هيٺيون ڳالهيون شامل آهن:

الف: آڇيل اگهه. آڇن واري فارم ۾ ڏنل هدايتن موجب ڀريا ويندا.

ب: آڇن واري فارم سان ضمانتي رقم(Bid Security) لڳائي ويندي. جيڪا ڪنهن به بئنڪ جي ڊمانڊ ڊرافٽ/ پي آرڊر وغيره جي صورت ۾ هوندي.

3. آڇن وارو فارم ۽ اگهن جو تفصيل:

3.1 آڇون جمع ڪرائيندڙ حصي _II (Section_II) ۾ ڏنل اگهن وارو فارم ڀري، گهربل هدايتن موجب جمع ڪرائيندو. انهيءَ فارم ۾ جيڪڏهن انتهائي ضروري نه هجي ته ڪنهن به قسم جي ڇاٽ ڊوٽ، هڪ لکت جي مٿان ٻي لکت، جنهن سان ڪنهن به قسم جي مونجهاري جو انديشو هجي، نه ڪئي وڃي. جيڪڏهن ڪا ضروري درستي ڪرڻي هجي ته، درستيءَ واري جاءِ تي آڇ ڏيندڙ جي پنهنجي يا نامزد فرد جي صحي لازمي ٿيندي.

هن فارم جو ڪو به متبادل قبول نه ڪيو ويندو. ڏنل سمورا خانا گهربل چاڻ مطابق پُر ٿيل هجن. ڪو به خانو خالي ڇڏڻ نه گهرجي.

3.2 اگهن کي سوچي سمجهي ڀرڻ ۽ تصديق ڪرڻ کان پوءِ آڇن وارو اهو فارم ضمانتي رقم جي ڊمانڊ ڊرافٽ/ پي آرڊر وغيره سان گڏ، هڪ الڳ لفافي ۾، چڱيءَ طرح بند ڪري، مٿان ’مالي آڇون‘ لکي، هيٺ پنهنجي فرم/ رجسٽرڊ ايجنٽ جو نالو لکي، ٺپو هڻي، صحي ڪري، سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري وٽ جمع ڪرائڻ لازمي هوندو.

کليل لفافو يا سيلاٽيپ ۾ نه ايندڙ لفافو جنهن سان اِها خبر نه پئجي سگهي ته هي لفافو ڪهڙي فرم/ رجسٽرڊ ايجنٽ طرفان جمع ڪرايو ويو آهي، قبول نه ڪيو ويندو.

3.3 مالي آڇون جمع ڪرائيندڙ ڌار گهربل ’فني تفصيل‘ هڪ ڌار لفافي ۾ مهر بند ڪري، فرم جي نالي، پتي ۽ صحيءَ سان جمع ڪرائيندي، جنهن ۾ فرم/رجسٽرڊ ايجنٽ جا مڪمل تفصيل تصديقي قسم نامو ٻن سالن جي گهربل بئنڪ اسٽيٽمينٽ، ٽينڊر دستاويز ۽ ٻيا گهربل ڪاغذ/ قسم ناما، پنهنجي فرم وغيره طرفان اڳي تيار ڪيل اهڙا سافٽ ويئر، جن ۾ ڪم جو سال واضح ڄاڻايل هجي ۽ وفاقي، صوبائي حڪومتن جي ٽيڪسن جي ادائگيءَ جا ثبوت، ’فائيلر‘ ۽ ’نان فائيلر‘ هجڻ جا ثبوت پڻ انهيءَ مهر بند ٽيڪنيڪل لفافي ۾ مهر بند ڪري جمع ڪرائيندي.

3.4 ٽيڪنيڪل پروفارما:

هن دستاويز جي آخر ۾ ڏنل ٽيڪنيڪل پروفارما فرم/رجسٽرڊ ايجنٽ چڱيءَ طرح پڙهي، پاڻمرادو پنهنجي مارڪن جي ڪٽ ڪري، ان پروفارما کي ڀري، صحي ۽ ٺپي سان ’ٽيڪنيڪل لفافي‘ ۾ شامل ڪندو. ڪنهن به قسم جي غلط بياني جي تصديق ٿيڻ تي، اها فرم/رجسٽرڊ ايجنٽ وغيره هن چٽاپيٽيءَ مان خارج ٿي سگهي ٿي.

3.5 ٽيڪنيڪل پروفارما ۾ مارڪن جو گهربل تعداد 50 آهي. جيڪڏهن فرم/رجسٽرڊ ايجنٽ پاڻمرادو ڪيل چڪاس ۾ گهربل مارڪون نٿو کڻي ته اهڙي ڌر کي مالي آڇون جمع ڪرائڻ جي ضرورت نه آهي.

4. متبادل مالي آڇون:

حصي ـ II (Section_II) واري فارم کان سواءِ ڪنهن به نموني/ طريقيڪار سان ڏنل مبتادل آڇون غور هيٺ نه اينديون.

5. آڇن جو ڪارآمد مدو:

آڇيل اگهه هڪ سؤ ويهه (120) ڏينهن لاءِ ڪارآمد سمجهيا ويندا, اهو مدو آڇن جا اگهه کولڻ واري تاريخ کان ڳڻپ ۾ ايندو. گهٽ عرصي يا ورڪ آرڊر کان پوءِ ڪنهن به عُذر واري درخواست قابل قبول نه هوندي ۽ اهڙي عمل سان فرم/ رجسٽرڊ ايجنٽ پاڻ کي منفي دائري ۾ آڻيندو.

6. ضمانتي رقم (Bid Security):

6.1 ضمانتي رقم آڇيل اگهن جو به ڏهائي پنج سيڪڙو (2.5٪) هوندي, جيڪا 'Sindhi Language Authority' جي حق ۾, ڪنهن به بئنڪ مان ڊمانڊ ڊرافٽ/ پي آرڊر يا سي. ڊي. آر جي صورت ۾ ڏهرايل هجي. ضمانتي رقم جو ڊمانڊ ڊرافٽ/ پي آرڊر يا سي. ڊي. آر 'مالي آڇن' واري لفافي ۾ شامل ڪيو ويندو.

6.2 ڪا به آڇ توڙي جو اُها ٻين آڇيل سيني اگهن کان گهٽ ڇو نه هجي, ضمانتي رقم شامل نه هئڻ جي ڪري يا ڪٽيل رقم جي به ڏهائي پنج سيڪڙو (2.5٪) کان گهٽ هئڻ جي ڪري ياٽمرادو رد ٿي ويندي.

6.3 ڪامياب آڇ ڏيندڙ ڌر کي ضمانتي رقم بروقت واپس ڪئي ويندي ته جيئن ڪامياب ڌر گهربل ڪم جي اُڪلاءَ واري ضمانتي رقم (Performance Security) اداري ۾ جمع ڪرائي سگهي.

7. ڪم جي اُڪلاءَ واري ضمانت (Performance Security) :

ڪم جي اُڪلاءَ واري ضمانتي رقم, آڇيل اگهن جو گهٽ ۾ گهٽ پنج سيڪڙو (5٪) ۽ وڌ ۾ وڌ ڏهه سيڪڙو (10٪) هوندي. ادارو گهربل سيڪڙي لاءِ هدايت لکت ۾ ڏئي سگهي ٿو ٻي صورت ۾ پنج سيڪڙو (5٪) ڪم جي اُڪلاءَ واري ضمانتي رقم, معاهدي وقت جمع ڪرائي ويندي.

7.1 ڪم جي اُڪلاءَ واري ضمانتي رقم ان صورت ۾ ضبط ڪئي ويندي, جڏهن اگهه آڇيندڙ ڌر معاهدي ۽ ورڪ آرڊر جاري ٿيڻ کان پوءِ انهن دستاويزن ۾ طئي ٿيل مدي اندر ڪم مڪمل ڪري نه ڏيندي يا ڪم تان ڪنهن به نموني هٿ ڪڍي ويندي يا ڪنهن به سبب جي ڪري ڪم مڪمل ڪري ڏيڻ کان لکت ۾لاچاري ڏيکاريندي.

7.2 ڪم جي اُڪلاءَ واري ضمانتي رقم ڪنهن به بئنڪ جي ڊمانڊ ڊرافٽ/ پي آرڊر يا سي. ڊي. آر جي صورت ۾, "سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري" (Sindhi Language Authority) جي حق ۾ هئڻ گهرجي.

7.3 ڪم جي ڪنهن به حصي يا سموري ڪم ۾ ڪوتاهي جي صورت ۾ سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو, فرم/ رجسٽرڊ ايجنٽ پاران جمع ڪرايل ڪم جي اُڪلاءَ واري ضمانتي رقم ضبط ڪري سگهي ٿو يا معاهدي مطابق ان رقم مان ڪٽوتي ڪري سگهي ٿو.

7.4 سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري وٽ جيستائين ڪنهن به ڪامياب آڇ ڏيندڙ ڌر پاران ورڪ آرڊر مطابق ٿيل ڪم تي اطمينان نٿو ڪري, تيستائين ڪم جي اڪلاءَ واري ضمانتي رقم, اداري وٽ محفوظ رهندي.

7.5 ورڪ آرڊر ۽ معاهدي مطابق مقرر وقت تي گهربل ڪم جي معيار ۽ اُڪلاءَ واري ضمانتي رقم مان يا اصل بل جي ادائگي وقت, بل جي رقم مان ڪاٽي ويندي.

8. آڇن جو فارم ۽ ان تي صحي:

8.1 آڇ ڏيندڙ ڌر حصي II (Section_II) وارو فارم ڀرڻ وقت, ان تي هٿ اکر يا ٽپي جي صورت ۾ 'اصلي' (Original) چٽيءَ طرح لکندي.

8.2 ان اصليءَ (Original) فارم تي سِٽن جي وچ ۾ لکڻ منع آهي, ڀريل فارم تي فرم/رجسٽرڊ ايجنٽ يا ان جي نامزد فرد جي صحي ۽ ٺپو هجڻ لازمي آهي.

9. آڇون جمع ڪرائڻ جو طريقو:

9.1 آڇون مقرر تاريخ ۽ وقت تي هٿوهٿ يا ڪنهن به ٽپال سروس ذريعي اداري ۾ جمع ڪرائي سگهجن ٿيون. ٽپال يا ڪوريئر طرفان مقرر تاريخ ۽ وقت تي آڇون نه پهچائڻ سان، اداري جو ڪو به واسطو نه هوندو. اها ذميداري آڇ ڏيندڙ ڌر ۽ ٽپال جي انهيءَ ذريعي/ اداري جي هوندي، جنهن جي معرفت آڇون ڏيندڙ ڌر، آڇون جمع ڪرائڻ چاهي ٿي.

9.2 مقرر تاريخ ۽ وقت کان پوءِ ڪا به آڇ قبول نه ڪئي ويندي.

9.3 آڇ ڏيندڙ ڌر پنهنجي طرفان جمع ڪرايل سمورن دستاويزن/ڪاغذن/ صفحن تي ٺپي سان گڏ پنهنجي يا نامزد فرد جي صحيءَ کي يقيني بنائيندي.

9.4 آڇ ڏيندڙ ڌر 'ٽيڪنيڪل لفافي' ۽ 'مالي لفافي' تي پنهنجي فرم/ رجسٽرڊ ايجنٽ وغيره جو نالو پتو ۽ رابطي جو نمبر چٽي طرح لکندي.

9.5 آڇن واري لفافي تي اڳئين پاسي تي 'سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو' ڏس پتي سان گڏ چٽو لکيل هجي.

10. آڇون جمع ڪرائڻ جي تاريخ ۽ وقت ۾ تبديلي:

10.1 اخبارن ۾ ڇپيل يا سپرا ويب سائيٽ تي آيل ٽينڊر نوٽيس ۾ ڄاڻايل تاريخ ۽ وقت حتمي هوندو. پر ڪنهن به هنگامي صورتحال ۾ سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري کي سپرا (SPPRA) رولز موجب اهو اختيار حاصل هوندو ته، اهو مقرر تاريخ ۽ وقت ۾ تبديلي ڪري، جنهن جو اطلاع آڇون ڏيندڙ ڌرين کي اڳواٽ ڏنو ويندو.

11. آڇن جي وضاحت:

11.1 سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، آڇون کولڻ وقت، آڇون جمع ڪرائيندڙ ڪنهن به هڪ ڌر يا سمورين ڌرين کان، ڇڪاس ۽ پيٽ جي عمل دوران، ڪنهن به معاملي جي وضاحت گهري سگهي ٿو ۽ آڇ ڏيندڙ ڌر اهڙي گهربل وضاحت ڏيڻ جي پابند هوندي.

11.2 آڇون کولڻ وقت جيڪڏهن ساڳئي سافٽ ويئر جا اگهه مختلف فرمن/رجسٽرڊ ايجنٽن طرفان هڪجهڙا آڇيا ويا هوندا، ته ان سافٽ ويئر جي اگهن جو معاملو بروقت طئي ڪيو ويندو ۽ آيل برابر اگهه واري سافٽ ويئر لاءِ اهي ڌريون نوان اگهه، مخفي طور، پنهنجي ليٽر هيڊ ۽ صحيءَ سان ٻيهر جمع ڪرائينديون، جن کي بروقت کولي، ڪامياب ڌر جو اعلان ڪيو ويندو.

12. اعتماد ۽ ساک:

12.1 آڇيل اگهن سان لاڳاپيل دستاويز/قسم ناما/ بئنڪ ۽ ٽيڪس کاتي جي سرٽيفڪيٽن/ رجسٽريشن وغيره ۾ ڪا به هيرا ڦيري يا هٿ چراند يا ڪو ڪاغذ نقلي ثابت ٿيو ته، اگهه آڇيندڙ ڌر کي رولز موجب مستقل نااهل (بليڪ لسٽ) ڪيو ويندو.

12.2 ڪهڙي به نموني ذاتي، سياسي، انتظامي دٻاءُ يا مالي لالچ آڇڻ جا، جيڪڏهن ڪي پڪا ثبوت مليا ته اهڙي عمل سان، آڇ ڏيندڙ ڌر/ ڌريون 'بليڪ لسٽ' ٿي وينديون.

12.3 پروڪيورمينٽ ڪميٽيءَ جي گڏجاڻيءَ ۾ قبول ڪيل يا رد ڪيل اگهه وغيره ۽ آڇيندڙ ڌرين جا نالا، معاهدي ۽ ورڪ آرڊر جاري ٿيڻ تائين مخفي رکڻ جا سڀ پابند هوندا. ڪا به فرم/رجسٽرڊ ايجنٽ يا انهن جو نامزد ڪيل فرد ڪميٽيءَ جي مڪمل ڪارروائيءَ کي راز ۾ رکڻ جو به پابند هوندو.

13. مجاز اختياري يعني چيئرمئن سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جا اختيار:

13.1 سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي چيئرمئن کي مجاز اختياريءَ طور سپرا (SPPRA) رولز موجب سيني آڇن يا ڪنهن به هڪ آڇ کي رد يا قبول ڪرڻ جو اختيار هوندو.

13.2 مجاز اختياريءَ طور اداري کي سافٽ ويئر جي ڪنهن بہ اسم يا ان جي تعداد ۾ گهٽ وڌ يا ڪنهن بہ قسم جي تبديليءَ جو اختيار هوندو.

14. معاهدي تي صحي :

14.1 ڪامياب آڇ ڏيندڙ ڌر/ڌرين کي ڪم ملڻ (Notification of Award) تي ٽن ڏينهن اندر هن دستاويز ۾ ڏنل معاهدي جي متن کي استعمال ڪندي، حڪومت سنڌ جي مقرر ڪيل في واري اسٽامپ پيپر تي معاهدو تيار ڪرائي، اداري ۾ صحيءَ لاءِ جمع ڪرائڻو پوندو، جنهن تي ٻئي ڌريون، شاهدن جي موجودگيءَ ۾ صحيون ڪنديون.

15. انڪم ٽيڪس ۽ ٻيا حڪومتي ٽيڪس:

15.1 سيئي ڌريون انڪم ٽيڪس يا ٻيا حڪومتي ٽيڪس صوبائي يا وفاقي، مروج قاعدن/ نوٽيفڪيشن/ ترميمن/ نون اعلانن موجب ڪنٽرائڻ/ڪٽڻ لاءِ پابند هونديون.

16. ٽينڊر دستاويز جاري ٿيڻ جي تاريخ:

16.1 هي دستاويز، ٽينڊر نوٽيس جي ڇپجڻ يا سپرا (SPPRA) جي ويب سائيٽ تي جاري ٿيڻ واري تاريخ کان مقرر وقت تائين ڪارآمد هوندو.

16.2 ساڳئي وقت هي دستاويز سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي ويب سائيٽ www.sindhila.org تي بہ موجود هوندو.

## سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

### اوپن ايئر اسٽيج جي تعمير لاءِ مالي آڇن جو فارم

(1) فرم/ پريس وغيره جو نالو:________ (2) پتو:________

(3) موبائل/واٽس ايپ/فون نمبر:________ اي ميل:________ (4) اين. ٽي. اين:________ (5) ايس. ٽي. اين. رجسٽريشن نمبر (لازمي):________

(6) سنڌ سيلز ٽيڪس رجسٽريشن نمبر (لازمي):________ (7) ٽينڊر پريندڙ پاران آڇيل اگهن جو ڪل جوڙ:________

(8) ضمانتي رقم: پي آرڊر/ ڊمانڊ ڊرافٽ نمبر:________ تاريخ:________ ڪل رقم:________


بئنڪ جو نالو جتان جاري ٿيو:________

(9) فرم جي مالڪ/ ڊائريڪٽر وغيره جو نالو:________ سڃاڻپ ڪارڊ نمبر:________


(10) صحي:________ تاريخ:________ (هتي ٺپو هڻو)

(11) پئڪيج جو سمورو خرچ سمورن ٽيڪسن سان گڏ هيٺينءَ ريت ڏجي ٿو:


| S.No | گهربل ڪم جو تفصيل | مڪمل پئڪيج |
|---|---|---|
| **1.** | • Construction of a stage platform of size 20feet X 30feet (Total: 600 SQFT), including excavation, masonry work, and tile fixing with materials, as shown in detail bellow.<br>**a) Detailed**<br>• Excavation work (Diggingtoadepthof2feet) 100 cubic feet.<br>• Masonry work with material 120Sq.ft.<br>• Floor & Steps tiles with fixing & material 100Sq.ft. (Tiles 2x4 feet Mate Finished Italian).<br>• 4 Sout Steel Gauge Should be used.<br>**b) Stage Backdrop**<br>• Fiber glass CNC cutting backdrop size 30ft X 10 ft total 300sqft.<br>• Foundation Dimensions: 30 feet width X 10 feet height.<br>• Material: Fiber glass (2mmto3mm thick) with 18guage ms pipe frame.<br>• Shape: Rectangular, stone style finish. | |
| **2.** | **Alphabets (24 Letters) With Base/Platform**<br>• 7feet (height or width, as per alphabet size)<br>• Fiber glass (2mm to 3mm thick). | |
| **3.** | **Preservation and infrastructure development of open lawn area.**<br>• Lawn grass (73ft X 136ft = 9928sft.)<br>• Electrical layout with fixtures (As per site visit).<br>• Storm water drain and water supply.<br>• Color finish at existing building wall face within lawn area<br>**Note: Before quoting the rates and submitting the bid, the site visit is compulsory.** | |





| | | | |
|---|---|---|---|
| TITLE | FOR: | *FLOOR PLAN* | *PROPOSAL:01* |
| | | LOCATION: | *06-04-2025* |




| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| TITLE | FOR: | *DETAIL PLAN* | *PROPOSAL:01* | *SHEET NO: 02* |
| | | LOCATION: | *06-04-2025* | |


2' X 2' TILE FLOORING
2" THICK CC FLOORING
4" THICK ROHRA WITH COMPACTION
BACKFILL WITH SEND 18"
N.G.L AS 0'-0"
2'
9" THICK MASONRY WORK WITH PLASTER
6"
6" ROHRA AND LEAN
SECTION AT AA
TITLE
FOR:
SECTION
PROPOSAL:01
SHEET NO: 02
LOCATION:
06-04-2025


2' X 2' TILE FLOORING
2" THICK CC FLOORING
4" THICK ROHRA WITH COMPACTION
2'-1"
N.G.L AS 0'-0"
2'
9" THICK MASONRY WORK WITH PLASTER
6"
6" ROHRA AND LEAN
1'-3"
FOOTING DETAIL PLAN
TITLE
FOR:
FOOTING PLAN
PROPOSAL:01
LOCATION:
06-04-2025







حصو- III (Section_III)

## ڪم ۾ معاهدي جون سرسري هدايتون

1. هن دستاويز ۾آڇيل اگهه ۾ ڪامياب اگهن ۾ آيل قانوني معاملن جي تشريح پاڪستان ۾ مروج قانون مطابق ڪئي ويندي.
2. ڪنهن بہ قانوني معاملي ۾ نبيري جو اختيار سپرا رولز ۾ ڏنل طريقيڪار موجب لاڳو ٿيندو.
3. ڪنهن بہ معاملي ۾ جيڪڏهن ڪو قانوني مونجهارو ٿئي ٿو تہ حيدرآباد ضلعي جي حدن ۾ قائم عدالتن ۾ قانوني ڪارروائي ڪري سگهبي.
4. ادارو سموري ڪم جي نگراني پاڻ ڪندو.
5. ڪامياب آڇون ڏيندڙ اداري جي مجاز اختياريءَ جي ڏنل هدايتن تي عمل ڪرڻ جو پابند هوندو.
6. ادارو ڪا پيشگي (ايڊوانس) رقم جاري نہ ڪندو ۽ نہ وري ڪا جزوي ادائگي ڪندو.
7. ڪامياب آڇ ڏيندڙ ڌر ڪنهن بہ خرابيءَ جي صورت ۾ پاڻ ذميدار هوندي.
8. هن ٽينڊر دستاويز جي في هڪ هزار رپيا (Rs:1000/=) آهي. ٽينڊر دستاويز سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي اڪائونٽس شعبي مان حاصل ڪري سگهجي ٿو.
9. ٽينڊر دستاويز جي في نقد صورت ۾ بلڪل قبول نہ هوندي. صرف بئنڪ جو ڊمانڊ ڊرافٽ/ پي آرڊر يا ليڪيل چيڪ قبول ڪيو ويندو.
10. ڪا بہ فرم وغيره سيپرا (SPPRA) يا سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي ويب سائيٽ تان هي دستاويز لاهي (Download) استعمال ڪري سگهي ٿي ۽ دستاويز جي في، گهربل صورت ۾ ٽينڊر کولڻ کان اڳ اداري ۾ لازمي جمع ڪرائيندي.
11. ٽينڊر دستاويز جي في جمع نہ ڪندڙ ڌر، اگهن جي چڪاسيءَ جي عمل ۾ شامل ٿي نہ سگهندي.

## فرم/رجسٽرڊ ايجنٽ سان معاهدو CONTRACT AGREEMENT

اوپن ايئر اسٽيج جي تعمير ۽ تياريءَ جي سلسلي ۾ فرم/رجسٽرڊ ايجنٽ سان اڄ تاريخ --------- تي هيٺينءَ ريت معاهدو ڪجي ٿو:

1. **محترم/محترمہ** ................................................ **ولد/ڏيءُ/زال** ........................................

**پاران،ميشرس**..........................................................................................................**پتو**.......................................................

............................................................................ **يا سندس قانوني نمائندو يا، حقي وارث پهرينءَ ڌر طور**

**(جنهن کي هن کان پوءِ ٺيڪيدار لکيو ويندو) ۽ سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري طرفان سيڪريٽري يا، اداري طرفان مقرر ڪو آفيسر يا، اهڙي چارج رکندڙ (جنهن کي هن کان پوءِ ٻي ڌر لکيو ويندو) جي وچ ۾ هي معاهدو ٿيو آهي.**

2. **اوپن ايئر اسٽيج جي تعمير ۽ تياريءَ جي جملي پئڪيج جي رقم**.................................. **(اکرين** ..................................................................................................**) جي عيوض تاريخ** .......................... **تائين ٽينڊر دستاويز/ ڪوٽيشن/ ٽينڊر انائوسمينٽ مطابق پورو ڪم ڪري، اداري جي مک آفيس نئشنل هاءِ وي حيدرآباد، سنڌ ۾ اطلاع ڏيندو.**

3. **ٽينڊر دستاويز/ڪوٽيشن جا سمورا شرط هن معاهدي جو حصو شمار ڪيا ويندا.**

**هيٺين شاهدن جي موجودگيءَ ۾ هيءُ معاهدو طئي ٿيو ۽ ٻنهي ڌرين صحيون ڪيون:**

**پهرين ڌر:**

(1)**ٺيڪيدار جو نالو** ...................................................... **پيءُ جو نالو**.......................................................

**صحي**.........................

**سيڄاڻپ ڪارڊ نمبر**

| | | | | | | | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| | | | | | - | | | | | | | | - | |

**ٻي ڌر:**

(2)**اداري پاران سيڪريٽري: نالو** ................................................... **پيءُ جو نالو**..................................... **صحي**.......................................

**سيڄاڻپ ڪارڊ نمبر**

| | | | | | | | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| | | | | | - | | | | | | | | - | |

**شاهد:**

(1) ................................................... **پيءُ جو نالو**....................................................................

**صحي**.................................

**سيڄاڻپ ڪارڊ نمبر**

| | | | | | | | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| | | | | | - | | | | | | | | - | |

(2) ...................................................... **پيءُ جو نالو**..................................................................

**صحي**.................................

**سيڄاڻپ ڪارڊ نمبر**

| | | | | | | | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| | | | | | - | | | | | | | | - | |

# قسم نامو

آئون ____________ ولد ______________________________

پروپرائيٽر______________________________________ ميشرس

_________________________________ لکت ۾ هيءَ قسم نامو سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري وٽ جمع ڪرايان ٿو ته منهنجي فرم /رجسٽرڊ ايجنٽ وغيره يا منهنجي ڪاروباري ملڪيت ۾ آيل، ڪنهن ٻي ڪمپنيءَ تي ڪا به قانوني دعوا يا ڪيس ڪنهن به ڪورٽ ۾ هلندڙ نه آهي ۽ نه ئي ڪنهن به سرڪاري/ نيم سرڪاري/ خودمختيار اداري، جيڪو حڪومتي انتظام هيٺ هلندڙ هجي، ۾ بليڪ لسٽ ٿيل آهي.

قسم نامو جمع ڪرائيندڙ جي صحي

___________________

سڃاڻپ ڪارڊ نمبر

| | | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| | | | | | | | | | |

**تصديق**

هيٺ صحي ڪندڙ طرفان هن قسم نامي جي اڄ تاريخ ____________________ تي تصديق ڪجي ٿي ته جيڪي ڪجهه مٿي لکت ۾ ڄاڻايل آهي، اهو منهنجي ڄاڻ ۽ سوچ مطابق بلڪل صحيح آهي ۽ نه ئي مون ڪا ڳالهه لڪائي آهي.

تصديق ڪندڙ جي صحي

_____________

سڃاڻپ ڪارڊ نمبر

| | | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| | | | | | | | | | |

# سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

## اهليت لاءِ ٽيڪنيڪل چڪاس

آچ ڏيندڙ ڌر فرم/رجسٽرڊ ايجنٽ/ٺيڪيدار جو نالو______________________________

پتو ۽ رابطي جو نمبر:______________________سجاڳپ ڪارڊ نمبر ______________________

سنڌ روينيو بورڊ جو جاري ڪيل رجسٽريشن نمبر(لازمي) ______________________________

**ڪم جي اهليت لاءِ گهٽ ۾ گهٽ پنجاهه(50) مارڪون کڻڻ لازمي آهن:**

<table>
<tr><th>گهربل تفصيل</th><th>وضاحت</th><th>وڌ ۾ وڌ مارڪون</th><th>ڪنيل مارڪون</th></tr>
<tr><td rowspan="3">مالي استحڪام</td><td>1. ساليانو ٽرن اوور (بئنڪ اسٽيٽمينٽ)<br><table><tr><th>بئنڪ اڪائونٽ ۾ هن وقت موجود رقم</th><th>مارڪون</th></tr><tr><td>پنج لک کان اٺ لک رپيا</td><td>8</td></tr><tr><td>اٺ لک هڪ رپئي کان پندرنهن لک رپيا</td><td>10</td></tr><tr><td>پندرنهن لک هڪ رپئي کان پنجويهه لک رپيا</td><td>15</td></tr><tr><td>پنجويهه لک هڪ رپئي کان ٽيهه لک رپيا</td><td>18</td></tr><tr><td>ٽيهه لک هڪ رپئي کان مٿي رقم</td><td>20</td></tr></table></td><td>20</td><td></td></tr>
<tr><td>2. گذريل ٻن سالن ۾ جمع ڪرايل انڪم ٽيڪس<br><table><tr><th>جمع ڪرايل ٽيڪس جي رقم</th><th>مارڪون</th></tr><tr><td>اسي هزار کان هڪ لک رپيا</td><td>8</td></tr><tr><td>هڪ لک هڪ رپئي کان ڏيڍ لک رپيا</td><td>10</td></tr><tr><td>ڏيڍ لک هڪ رپئي کان ٻه لک رپيا</td><td>15</td></tr><tr><td>ٻه لک هڪ رپئي کان ٽي لک رپيا</td><td>18</td></tr><tr><td>ٽي لک هڪ رپئي کان مٿي رقم</td><td>20</td></tr></table></td><td>20</td><td></td></tr>
<tr><td>3. گذريل ٻن سالن ۾ سنڌ صوبي جا جمع ڪرايل ٽيڪس<br><table><tr><th>جمع ڪرايل رقم</th><th>مارڪون</th></tr><tr><td>ويهه هزار کان چاليهه هزار رپيا</td><td>10</td></tr><tr><td>چاليهه هزار هڪ رپئي کان پنجاهه هزار رپيا</td><td>15</td></tr><tr><td>پنجاهه هزار هڪ رپئي کان مٿي رقم</td><td>20</td></tr></table></td><td>20</td><td></td></tr>
</table>

<table dir="rtl">
<tr><td>تعميري ڪم (سول ورڪ) ڪرڻ جو تجربو (لازمي)</td><td>4. حڪومتي ادارن يا ساک وارن خانگي ادارن/فرمن سان ڪيل تعميري ڪم (وچور فهرست جي صورت ۾ ڏيڻ گهرجي)<table dir="rtl"><tr><th>مدو</th><th>مارڪون</th></tr><tr><td>هڪ سال ۾ 2 کان 3</td><td>8</td></tr><tr><td>ٻن سالن ۾ 4 کان 5</td><td>10</td></tr><tr><td>ٽن سالن ۾ 6 کان 7</td><td>15</td></tr><tr><td>چئن سالن ۾ 7 کان 8</td><td>18</td></tr><tr><td>پنجن سالن ۾ 9 ۽ ان کان مٿي</td><td>20</td></tr></table></td><td>20</td><td></td></tr>
<tr><td>ٽيڪنيڪل عملو سول انجيئر/ڊپلوما هولڊر سرويئر/آرڪيٽيڪٽ جو مڪمل تفصيل (لازمي)</td><td>5. فرم/رجسٽرڊ ايجنٽ وٽ ڪم ڪندڙ عملو<table dir="rtl"><tr><th></th><th>مارڪون</th></tr><tr><td>5 ماهر (نالو ۽ فني ڄاڻ جو تجربو گڏ لڳائڻ لازمي آهي)</td><td>8</td></tr><tr><td>8 ماهر (نالو ۽ فني ڄاڻ جو تجربو گڏ لڳائڻ لازمي آهي)</td><td>12</td></tr><tr><td>10 ماهر (نالو ۽ فني ڄاڻ جو تجربو گڏ لڳائڻ لازمي آهي)</td><td>18</td></tr><tr><td>12 ماهر (نالو ۽ فني ڄاڻ جو تجربو گڏ لڳائڻ لازمي آهي)</td><td>20</td></tr></table></td><td>20</td><td></td></tr>
<tr><td></td><td>ڪل مارڪون</td><td>100</td><td></td></tr>
</table>

ڪم لاءِ اهل/ نااهل:______________________________ تاريخ: ______________________________

(هٿ سان لکو)